PRESS RELEASE

Consulate General of the United States – Karachi, Pakistan

جنوري 29، 2015

رابطي لاءِ برائن آسمس، ترجمان، (02135275375)
امريڪن قونصليٽ جنرل ڪراچي

امريڪن قونصليٽ طرفان ٻارن لاءِفٽ بال ميچ ۽ سکيا جو اهتمام ڪيو ويو

ڪراچي؛ امريڪن قونصليٽ ڪراچي طرفان قونصل جنرل جي رهائشگاهه تي ڪراچي جي مختلف غريب علائقن مان آيل ٻارن لاءِ فٽ بال ميچ ۽ سکيا جو اهتمام ڪيو ويو، قونصل جنرل برائن هيٽ پڻ ٻارن سان گڏجي راند ۾ حصو ورتو.

ان موقعي تي ڳالهائيندي قونصل جنرل هيٽ چيو ته " راندين جي ذريعي هڪ ٽيم طور گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ سکڻ جو هڪ زبردست موقعو ملي ٿو. ٻارن کي هڪ ٻئي سان تعاون ۽ پاڻ اربڻ جهڙن قدرن کي سيکارڻ جو بهترين رستو پڻ راندیون آهن.

قونصل جنرل چيو ته "هن اجوڪي ميچ جي اهتمام ڪرڻ جو مقصد راندين جي ذريعي ٻنهي ملڪن جي ماڻهن جي وچ ۾ بهتر لاڳاپا قائم ڪرڻ آهي. راندين جي ذريعي اهم قدرن خاص ڪري ٻين جو احترام ڪرڻ ۽ ڪميونٽي جي تعمير کي پڻ فروغ ملي ٿو."

تربيتي ڪيمپ ۽ ميچ ۾ ڪراچي يونائيٽڈ فٽ بال فائونڊيشن جي ڪوچز 14 کان 17 سالن جي عمر جي ٻارن کي فٽ بال کيڏڻ جي تربيت ڏني، انهن ٻارن جو تعلق ڪراچي جي غريب علائقن سان هو. فٽ بال جي ڪوچز ٻارن کي راند کيڏڻ جا گر سيکاريا. آخر ۾ ميچ پڻ کيڏيوويو جنهن ۾ قونصل جنرل پڻ حصو ورتو. آخر ۾ ٻارن ۾ فٽ بال پڻ ورهايا ويا.

#######